


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



سراج

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انتساب

امر جليل جي نالي

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هند ۽ سنڌ جي مشهور و معروف مهان ليکڪ سراج جي ڪهاڻين جو مجموعو ”اڻپورا ماڻهو“ جو پهريون ايڊيشن اوهان جي هٿن ۾ آهي. هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو ٿوري عرصي ۾ ختم ٿي ويو هو ۽ ٻي ڇاپي لاءِ پڙهندڙن وٽان خط ايندا رهندا هئا. حالتون ٺيڪ نه هجڻ ڪري ٻيو ڇاپو دير سان شايع ٿي رهيو آهي.

سراج جا ٻيا ڪتاب ”پڙاڏو سوئي سڏ“، ”سرڻ موٽي ايندي آءُ“، ”منهنجي دنيا هيڪل وياڪل“، ”تنهنجي دنيا سڀ رنگ ساڃول“ ۽ ”منهنجي دنيا مرگهه ترشنا“ به نيوفيلڊس طرفان شايع ٿيل آهن.

— ادارو

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست

**ڪهاڻيون** — **صفحو**


| | | |
|---|---|---|
| ١. | رت ورني رات | ٩ |
| ٢. | نچڻي | ١٩ |
| ٣. | هڪ مڙدو، ٻي لاش | ٤٣ |
| ٤. | وڻ جو موت | ٥١ |
| ٥. | ڪارونجهر جا مور | ٦٩ |
| ٦. | مان جوڳي آهيان، سوڳي آهيان | ٩٩ |
| ٧. | اٺون ماڻهو | ١١٧ |


Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٻهرين ايڊيشن جا

# ٻه اکر

ڪهاڻيون مون اڳي به لکيون، جن مان ڪي ڇپيون، ڪجهه مون نه ڇپايون. ڪهاڻيون اڄ به لکان پيو. انهن مان ڪي ڇپجن ٿيون، ڪي ڪونه ٿو ڇپايان. ان لاءِ ڪي ٺي سبب آهن، گهڻو ڪري اهي سبب سڀ جذباتي آهن. انهن جي هن وقت اپٽار ڪرڻ نٿو گهران. وقت آيو ته انهيءَ جي وضاحت به ڪندس.

منهنجو پهريون مجموعو ”اي درد هلي آءُ“ اڄ کان ٢٤ سال اڳ شايع ٿيو. ڪن دوستن زور پريو ته هڪڙو ٻيو مجموعو به ڇپجي. پهرين سوچيم ته رڳو اڻ-ڇپيل ڪهاڻيون ڇپائجن. دوستن وري اسرار ڪيو ته ان ۾ ڪجهه اڳ ڇپيل ڪهاڻيون به هئڻ گهرجن، جيئن ڪتاب ۾ محفوظ ٿي وڃن. نيٺ وڃڻو فيصلو ڪيم ته في الحال ست ڪهاڻيون شامل ڪريان. انهن مان هڪڙي ”هڪ مڙدو، ٻي لاش“ ١٩٦٤ع ۾ ڇپي هئي، پر مهراڻ جي صاحبن ۽ پروف ريڊرن ان کي ”هڪ“ مرد ٻي ”لاشا“ بڻائي ڇڏيو.

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جي لوڻي کي ڦاڙي، هن جي مغز جي اڇي ڪاڙهي گوشت جا چيچڙا اڏائيندي، پوپان ڪنهن ٽامي جي ٽانو ۾ ڪپي ويئي— ۽ هو انهن ٽي سوسل جي هانهن کي پاڪر ۾ جهلي اونڌو ٿي، منهن ڀر ڪري پيو.

❋ ❋ ❋

بارڊر پوسٽ تي ٻنهي ملڪن جا ڪمانڊر، لاشن، زخمين ۽ قيدين جي مٽا سٽا لاءِ گڏ ٿيا هئا. جڏهن هن جو لاش هيٺ لاٿائون ته هن جي آڪڙيل پاڪر ۾ اڃا تائين هڪ ٻانهن هئي، جنهن کي ڏونٺ کان هيٺ عاج جي ٻانهين پيل هئي، ۽ ان جو عاج رتائجي ويو هو.

هڪڙي ڪمانڊر لاش تي نظر وڌي: ”نه، هي اسان جو نه آهي....!“

ٻئي ڪمانڊر سا ڳئي لاش تي نظر وڌي، ۽ ڪنڌ ڌوڻيندي چيائين: ”هي اسان جو به نه آهي....!“

ڪمانڊرن لاءِ مسئلو پيدا ٿي پيو. هن لاش کي ۽ هن ٻانهن کي ڇا ڪن: ساڙين يا پورين؟ هو ڪجهه وقت ان مسئلي تي بحث ڪندا رهيا، پر ڪنهن به نتيجي تي پهچي نه سگهيا.... ۽ هن جو لاش ۽ وڍيل ٻانهن، رڻ جي واريءَ کان اهو سوال پڇندا رهيا!

—٥—

# نچڻي

هن سان پهريون ڀيرو آءٌ موهن جي دڙي تي مليو هوس. هوءَ انهن صحافين ۾ شامل هئي جيڪي ”سنڌ صدين کان“ واري سيمينار جي ڪوريج لاءِ آيا هئا. مون تي اهو ڪم رکيل هو ته جڏهن ”ڊيليگيٽس“ ۽ صحافي موهن جو دڙو ڏسڻ هلن ته هنن ۽ سرڪاري عملدارن جي وچ ۾ رابطي جو ڪم ڏيان.

ميوزيم ۾ گهڙڻ وقت، هوءَ دروازي وٽ ئي بيهي رهي. جڏهن سڀ اندر مختلف شيون ڏسڻ لڳا، ۽ ميوزيم جو ”ڪيورٽر“ هنن کي سمجهاڻيون ڏيڻ لڳو، تڏهن آءٌ ٻاهر نڪري آيس. منهنجي بوٽ جي کڙڪي تي هن اکيون مٿي کڻي مون ڏانهن نهاريو.

”اوهان جي طبيعت ته چاڪ آهي نه؟“ مون رسمي طرح هن کان پڇيو. مون کي ائين لڳو، ڄڻ هوءَ پنهنجي رستي کان ڀٽڪي وئي آهي، ۽ ڪنهن عجيب وحشت هن جي اکين ۾ وسي رهي هئي.

”نه، آءٌ وڃائجي ويئي آهيان!“ هن جا اڇا چپ وڌيڪ اڇا ٿي ويا هئا. سندس اکين جي ويراني ۽ سندس اڇي- ڳاڙهي ٻورڙي منهن کي ٻه سرءَ جي پنن جي پيلاڻ جو رنگ ڏيئي ڇڏيو هو.

”نه نه، هي ڏي ميوزيم آهي، جتي سڀني کي اچڻو هو....“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

مون هن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

”تون نٿو سمجهين. آءٌ پنهنجي وجود جي واٽ وڃائي ويٺي آهيان.“ هن عجيب حسرت مان چيو. هن جي انگريزيءَ ۾ فرينچ لهجو نمايان هو.

مون پهريون ڀيرو ڀرپور نظر سان هن کي ڏٺو. ٻاويهن ٽيويهن ورهن جي، ڪليل اڇو-ڳاڙهو، يا هلڪو پيازي رنگ پوريون ا ڪيون. ڪياڙيءَ تائين ڀتون-ڪٽ ڪٽيل وار جن هن کي ڪجهه ڇوڪرائي ڪيفيت ڏيئي ڇڏي هئي. سنهيا چپ. ڀريل ڳل پر مٿن آس جي ڪري پيدا ٿيندڙ ڏڙڀ ڏڙڀ ڇانئون، جيڪي عام ٿورڙيءَ ڇوڪرين کي گرم آب هوا ۾ پنهنجي ويندڙيون آهن. سنهون نڪ، جنهن جي پڇڙي ڪجهه پوئتي وريل. ڏکي ڳچي، جنهن مان لاڪيٽ، هن جي ارهه جي وٿيءَ تي لڙڪي رهيو هو. سنهي جسم جي باوجود ڀريل ڀريل ارهه، ڪلهن ڪان هٿن تائين اگهاڙيون سڊول ٻانهون، جن تي ٻ، گرميءَ جي ڪري هلڪيون ناسي-ناسي ڇانئون پنهنجي ويون هيون. ڳوڏن ڪان مٿي اسڪرٽ جي ڪري هن جون لڱون، ڪمن سميت، ساسيريون. چيلهه سنهي، جنهن ۾ پيل پٽي هيڪاري ان کي ٻنهه سنهي ڪري ٿي ڏيکاريو.

”توهين اندر هلي ميوزيم ۾ شيون ڏسو ته دل وندري ويندي،“ مون همدرديءَ طور چيو.

”نه نه، مون کي پڪ ٿو ٿئي....“ هن اهي لفظ فرينچ ۾ چيا.

لکيو.... هن شايد موهن جي دڙي تي ايترو ڪجهه پڙهيو آهي، ۽ قديم ديومالائن کي ايترو هنڊايو اٿس جو ”ڪل“ تڙي وئي اٿس. مون کي هاڻ هن سان همدرديءَ سان گڏ اهو به خوف ٿيڻ لڳو ته ٻين يورپي سڪالرن ۽ صحافين جيڪڏهن هن کي ان حالت ۾ ڏٺو ۽ هڏو ته ڏاڍي ڳالهه ٿيندي. مون هن کي پرچائڻ جو سوچيو، جيتوڻيڪ مونکي اهو ڏانءُ نه هو ته نفسياتي مريض سان ڪهڙو ورتاءُ ڪرڻ کپرجي.

مون هن جي ڪلهي تي همدرديءَ جو هٿ رکندي چيو: ”توهن گهبراءِ نه.... آءٌ توسان ساڻ آهيان.... تون هل اندر!“

هوءَ مون کي چنبڙي پئي. ڪرڙي وانگر پئي ڏڪي.

”مون کي نه وٺي هل، مون کي نه وٺي هل.... مان مري وينديس.... مهاپوڄاري مونکي ڪنجهي جي آويءَ ۾ وجهائي ڇڏيندو.... خدا جي واسطي، مون تي رحم ڪر....او خدا، مون تي رحم ڪر....!“

آءٌ منجهي پيس. هن کي اندر وٺي وڃڻ ته هيڪاري جوکم وارو ڪم هو. خواهه مخواهه جو ”اسڪئنڊل“ بڻجي ويندو. ڪجهه سوچيندي مون هن کي آٿت ڏنو: ”چڱو ڀلا، اندر ڪونه ٿا هلون.... اچ ته ٻاهر هلون....“

”ها نيرو، مون کي هتان وٺي هل.... پري، تمام پري... جتي مهاپوڄاري به اسان کي ڳولي نه سگهي....“

هن مون کي ”نيرو“ سڏيو. مونکي ڀڪ ٿي وئي ته،

دماغ بہ ڪافي چست ۽ ”نارمل“ تہ لڳي. باقي ڪنھن خاص وقت تي ھن کي ڪجھہ ٿيندو ھجي تہ. آءُ ڇني نٿو سگھان. نفسياتي مونجھارن کي ھونئن بہ رڳو جسماني معائني ڪانپوءِ سمجھي سگھڻ ممڪن نہ آھي!“

ڊاڪٽر کي ڇڏي آءٌ موٽي موھن جي دڙي ريسٽ ھائوس موٽي آيس، ۽ پنھنجي ڪمن ڪارين، ۽ پين ڊيلڪيٽس جي سار سنڀال ۾ لڳي ويس. پروگرام اھو ھو تہ رات رھي صبح جو واپس روانا ٿينداسون. ڪجھہ ماڻھن کي لاڙڪاڻي ترسايو ويو ھو، ۽ ڪجھہ اتي ئي ريسٽ ھائوس ۾. آءٌ بہ ريسٽ ھائوس ۾ ئي رھي پيو ھوس. شام ٿائين ٿڪجي چور ٿي پيس ۽ ھوءَ منھنجي دماغ تان ئي لھي ويئي. آرڪيالاجي وارن جي ھڪڙي ھمراھہ کي انتظامن جي پارت ڪري، آءٌ ننڊ ڪري وڃي سمھي پيس.

اڃان آءٌ مس ستو ھوس تہ ريسٽ ھائوس جي چوڪيدار اچي مون کي ڏونڏاڙيو. واچ ۾ وقت ڏٺم تہ رات جا بہ ٿيا ھئا. يا الاھي خير، الائي ڪھڙي ماجرا ٿي ھئي.

”سائين، ھوءَ ميم صاحب اڪيلي اڪيلي دڙي ڏانھن پئي وڃي ... اسان کي ھمت نہ ٿي جو کيس منع ڪريون.... سو اوھان کي اچي جاڳايو اٿم....“

ٻاھر، چانڊوڪي رات ھئي. منو چنڊ ڪاپار تي ھو. اڇي کير جھڙي چانڊوڪي سنڌ جي آسمان تي اھڙي لٿي ھئي جو اھو منظر فقط ھڪ سنڌواسي ئي محسوس ڪري سگھي ٿو. ڪنھن ٽلھي کل واري ماڻھوءَ جي دل بہ ڪڏھن

۾ ا ڪيون وجهي چئي رهي هئي: ”نيرو.... تون هليو وڃ.... آءٌ نچنديس.... مها پوچاريءَ لاءِ.... آءٌ نچنديس پنهنجي ديوتائن لاءِ.... آءٌ تنهنجي آهيان، مها پوچاري.... آءٌ فقط تنهنجي آهيان.... هي تن من، هي آتما، هيءَ شڪتي تنهنجي آهي.... تنهنجي لاءِ آهي.... مهاپوچاري، مونکي پاڪر پاءِ .... مونکي پيار ڪر ....مون ۾ پنهنجي شڪتي اوتي ڇڏ.... مون ۾ پنهنجي آتما ڪي اوتي ڇڏ.... اوهه.... منهنجا مها پوچاري.... منهنجا پريتم....“

هوءَ هن جي پاڪر ۾ هئي. هوهنکي چمي رهيو هو: هن جا چپ، هن جا ڳل، هن جي ڳچي، هن جا وار، هن جو اُرهه، هن جا ڪلها.... آءٌ بنهه نستو محسوس ڪرڻ لڳس. مون ايئن سمجهيوته منهنجي اندران ڪا شئي نڪري، ٻاهر اڏامندي ٿي ويئي.... منهنجي بت مان سٽ موڪلائي رهيو هو. پر منهنجون ا ڪيون هنن ۾ ڪتل هيون.

ڪهڙي ڪانپوءِ هو مورڇل ٿي هن جي ٻانهن ۾ ڊرڪي پئي، ۽ هن نهايت آهستي هن کي هيٺ ليٽائي ڇڏيو. ڏيئي جي ڏڪندڙ روشنيءَ ۾ هن جو ارهه، هن جي ساهه سان گڏ هيٺ مٿي ايري آسري لهي اُلهي رهيو.

پوءِ هو مون وٽ آيو، ۽ چيائين: ”هيءَ سمهي رهي آهي. اوهين مهرباني ڪري ريسٽ هائوس موٽي وڃو. هن جو ڪو فڪر نه ڪريو. هوءَ اوهان کي صبح جو اوهان سان واپس وڃڻ لاءِ تيار ملندي....“

آءٌ جڻ ته خواب مان جاڳي پيس: ”پر.... هيءَ....“

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظر ايندا هئا، ۽ اهڙي خواب ڪان پوءِ هن جو سارو ڏينهن هڪ عجيب سڪون ۽ اطمينان ۾ گذرندو هو. ۽ سندس ڪنوار اهو سڪون ۽ اطمينان ڏسي، سمجهي ويندي هئي ته ان ڏينهن ڪيس ڪو خون جو ڪيس مليو هوندو، ۽ هوءَ ڪنهن نئين ۽ ساڙهيءَ، ڪنهن نئين تحفي جي اميد ۾ سارو ڏينهن اطمينان ۽ خوشيءَ ۾ چال ڏيندي رهندي هئي.

اصغر جو دوست بارسٽر فلپ، انگلنڊ ڪان گهمي لاهه آيو ته هن کي وري اهي ڏينهن ياد پيا، جڏهن هو ٻئي انگلنڊ ۾ ڪنهن پب يا ڪلب ۾، لئٽن-آمريڪن رقص جي ڌنن تي ٽڙڪندا، ٽاهڙندا، ساري ساري رات گذاريندا هئا. هو منجهي پيو تہ فلپ کي هت ڪهڙا ڪهڙا هنڌ گهمائي. هن کي هڪ خون جي ڪيس ۾ بدين وڃڻو هو. هن فلپ کي پاڻ سان ڪنيو ۽ ڪيس بدين گهمائي آيو. فلپ چپ چاپ بدين جي شهر، ڪورٽ ۽ ماڻهن کي ڏسندو رهيو، ۽ جڏهين هو جيپ ۾ چڙهي واپس حيدرآباد هلڻ لڳا، تڏهين بہ فلپ چپ رهيو. اصغر ڪان رهيو نہ ٿيو. پڇي ويٺو، ”چو فلپ، تون ماٺ ڇو ٿي ويو آهين؟“

فلپ پهرين تہ ڪو بہ جواب ڪونہ ڏنو. پوءِ چيائين، ”مون کي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي، ان ڪري چپ آهيان!“

اصغر بہ کلي ڏنو— ”هي ويچارو ڇا سمجهندو هتان جي وڪالت!“

”توُن منهنجي جواب تان کلين ڇو ٿو؟“

پرڻي مڙس جي منهن ۾ هڪ عجيب ياسيت جو عالم هو. چاپئين ڏاڙهي، هونئن ته ڪجهه اڇي به هئي، ڪجهه لٽ جي ڪري پوري ڪـي نظر آئي. سندس نرڙ ۾ گهنج اهڙا هئا، جن ڪي ڏسي انهن تي خيال ٿيو ته هن پرڻي مڙس سڄي عمر پهڻ ڪٽيندي گذاري آهي. اڇي پير مُرڻيل ڪَسي ڪَلي جي قميص ۽ ڪاري سٿڻ ۽ مٿي تي ڪارو پٽڪو، جنهن جي ڪاراڻ ۾ الاجي ڪيترا غريبيءَ جا عيب لڪل هئا، ۽ هٿ ۾ چنل گهيتلو.

اصغر پرڻي مڙس ڪان پڇيو: ”پيريا مڙس، ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“

”حيدراد“ (حيدرآباد).

”پوءِ ڪڏهين پهچندين؟“

”سائين، ڏينهڪا!“

۽ اصغر ڪان وري به ڪل نڪري ويئي، ۽ هن جيپ ڪي اڪتي وڌايو.

فلپ ڪائونس اوچتو سوال ڪيو: ”ڪهڙيءَ ڳالهه تان کلئين؟“

”هتي جا ماڻهو به عجيب آهن. پڇيو مانس ته ’موت ڪنهو اٿئي چا‘، ته بنا ڪنهن هٽڪ جي جواب ڏنائين ته ’هائو‘! هنن ماڻهن لاءِ ته موت ۽ حياتيءَ ۾ ڪو فرق ئي ڪونهي!“

”ان ۾ کلڻ جي ڳالهه ڪهڙي هئي؟“

اصغر کي هاڻ فلپ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي هئي: ’هي ته

کو فيلسوف ٿي ويو آهي، مزاح ٿي به ڪيس ڪل نٿي اچي .... هون!'

"پوءِ ڇا پڇيئين؟"

"پڇيومانس ته 'ڪيڏانهن پيو وڃين'، ته چيائين ته 'حيدرآباد' ۽ 'هتان پنڌ حيدرآباد، هڪ ٻي ڏينهن ۾ پهچڻ' ٿي مون کي کل اچي ويئي!"

"پوءِ تو ڇو نه کيس حيدرآباد تائين ڪٺي هلڻ جي آڇ ڪئي!"

"فلپ! هن ملڪ ۾ جيڪڏهين ماڻهن کي پنهنجي گاڏين ۾ کڻڻ جي آڇ ڪرڻ لڳون، ته سارو سال ماڻهو ڊوڙيندي گذري وڃي."

اصغر کي پنهنجي انهيءَ 'ماڻهو ڊوڙڻ' تي به کل اچي ويئي، ۽ فلپ هڪ عجيب نگاهه سان هن کي تڪيندو رهجي ويو. ۽ ان نگاهه ۾ ڪاوڙ، پشيمانيءَ ۽ بيوسيءَ جا احساس گڏجي، محض اهو جهاتي بنجي ويئي.

* * * *

ٻئي ڏينهن اصغر فلپ کي حيدرآباد جون ڪورٽون ڏيکارڻ نڪتو. ڪار کي پارڪ ڪرڻ لاءِ، جڏهن موڙي رهيو هو ته، اڳيان ڪا شيءِ ڏسي بريڪ ڏنائين. ڪاوڙ سان هيٺ لٿو، ته سندس منشي ڊوڙندو آيو، ۽ ان شي کي ٺڏو هڻي، چيائين "او پوڙها، مرڻو اٿئي ڪيئن، جو اتي سمهي رهيو آهين؟"

ستل پوڙهو، اوٻاسي ڏيندو، 'ڪر' موڙي اٿي ويٺو.

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرٻو مڙس هـو، ۽ گهڻي رات تائين بحث ڪرڻ کان پوءِ، ڪنهن فيصلي تي پهچڻ کان سواءِ، ٻئي ڄڻا هڪٻئي کي دوستيءَ جو يقين ڏياريندا الوداع چئي وڃي سمهي پيا.

---

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇانو متعلق ئي سوچيندو رهندو هو. ايئن به نه هو ته ڪو هن انهن مونجهارن کي سلجهائڻ جي ڪوشش نه ڪئي هجي، پر جنهن ڪان ئي هن پڇيو، تنهن هن جي ڳالهه کي ٺرڇي ۾ ٽاري ڇڏيو، يا ڳالهه جو موضوع بدلائي ئي ڇڏيو.

هن کي جڏهن قومي يڪجهتيءَ جي ڪاتي ۾ نوڪريءَ جو آرڊر مليو، تڏهن ماڻس هلندي وقت روايتي نصيحتون به ڪيون هيون: مثلاً.

”ابا، اهڙي ٺئي نوڪريءَ کي باهه ڏي جو پرديس جا ڌڪا ٿاٻا کارائي....“

”ابا، پرديس ٿو وڃين: مڙني پنهنجو خيال رکجانءِ! ڪهوري وڇانءِ، متان ماڻهين وارو ڪم ڪرين، جو پرديس نوڪريءَ تي ويو ته اتان هڪڙي ٻيل به ساڻ وٺيو آيو....“

”ابا، ٻاهر نڪرين ته ٽڪن ضرور ڍڪجانءِ: ٻڌو اٿم ته اتي ڪاڙهو مڙني سرس ٿو ٿئي....“

ٻيون نصيحتون ته هن ڪلي، هڪڙي ڪن کان ٻڌي، ٻئي ڪن کان ڪڍي ڇڏيون، پر آخري نصيحت تي هن کي لاچار ئي عمل ڪرڻو پيو. پهرين ته هو ائين عام طرح بنان ٽڪن ڍڪڻ جي آفيس اچڻ لڳو، پر جڏهن سڄي واٽ، هن کي ڪٿي به ڇانو نه ملي، تڏهن گهر کان ٻاهر نڪرڻ شرط، رومال سان ڪن ڍڪي ڇڏيندو هو. آفيس پهچي، رومال لاهي کيسي ۾ وجهي ڇڏيندو هو. هن کي پنهنجي ان عادت تي اهو خيال به ٿيندو هو ته رستي تي هلندڙ ماڻهو

جي ڪاني ۾ هيترو وقت نوڪري ڪندي ٿيو اٿئي، توکي اڃا اها به خبر نه پئي آهي ته، ڪهڙا سوال پڇجن، ڪهڙا نه پڇجن!“

”مون ته رڳو هڪڙي عام مشاهدي جي ڳالهه ٿي ڪئي....“ هن کِلندي کِلندي پنهنجي بچاءَ جي ڪوشش ڪئي.

”خير....اڃا نئون نئون آهين: تجربو پاڻيهي سيکاريندءِ .... آءٌ توکي فقط ايترو چوندس ته دنيا ۾ ڪي اهڙا هنڌ به آهن جتي ماڻهن کي پاڇولا تين ٿي ڪونه: ڪنهن هنڌ وٽن جا پاڇولا وٽن کان وڏا آهن، ۽ ڪن هنڌن تي مسجدن جي پاڇولن ۾ انسانن جا پاڇولا پنهنجي سڃاڻپ وڃائي ويهندا آهن....اهي اهڙا مسئلا آهن، جن کي قومي يڪجهتيءَ جي وڏي مقصد لاءِ ڪاٺي وڃڻ ٿي تنهنجي لاءِ بهتر ٿيندو....“

هو سچو وسامي ويو. هن کي پنهنجي احمقپڻي تي ڪاوڙ اچڻ لڳي، ۽ ان ڪاوڙ کان هنجون اکيون هيٺ جهڪي ويون، ۽ هن جو هينئون چپ ٻاهر نڪري، بنا ارادي ڌڙڪڻ لڳو.

هن جي ساٿيءَ هنجي پريشانيءَ کي محسوس ڪندي مرڪي ڏنو، ۽ سندس ڪلهي تي هٿ هڻندي چيائين: ”ڇڏ انهن ننڍن ماڻهن ۽ وڏن پاڇولن جي ڳالهين کي.... تون هڏاءِ ته پنهنجي ساٿي آفيسر ٻاٿيءَ سان تنهنجو ماسرو ڪيتي پهتو آهي.... هوءَ ته وڏا خواب پئي ڏسي....“

هن جو چپ هيڪاري ٻاهر نڪري آيو، ۽ هن سوچيو

هن جون نظرون وري وڃي ڀيپر ويٽ تي پيون، جتي ڪاڙهو گلاب وري قيدي ٻڌجي ويو هو. تتل ٽامي جو اولڙو، ڀيپر ويٽ کان ٿيندو، هن جي سموري جسم کي لهسائڻ لڳو. هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ ته هن جي ڪمري ۾ نتهن آس ۽ لڪ لنگهي آئي هئي، ۽ ان جي آتت ۽ آماڻ کان هن جو هيٺيون گهوماڄڻ لڳو. هو اٿي ٻيٺو، ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو ڪمري مان نڪري، هڪ طرف ڊوڙڻ لڳو. هن سوچيو ته جيڪڏهن ڪيس ڪو ڇانورو نه مليو ته هو آسالجي ٻوساڄجي مري ويندو. هو ڊوڙندو رهيو، رکي رکي پوئيان نهاريندو رهيو، ۽ ڊوڙندو ڊوڙندو شڪر پڙيان جي پهاڙيءَ تي اچي پهتو.

شڪر پڙيان جي تر ۾ برف پوش پهاڙن جو سلسلو هن کي ائين لڳو ڄڻ ڪڪرن کي ڪنهن مَنڊ هڻي پنڊ پهڻ ڪري ڇڏيو هو. اصلي ڪارا ڪڪر انهن پهاڙن جي برف مٿان ڀِٽُن وانگر لنگهي، ۽ پاڇولن جو هڪ عجيب غلاف ٿي نظر آيا. هن سوچيو: الائي انهن پاڇولن ۾ ڇانو هئي يا نه؟ انهي غلاف جي پاڇولن جي اورڻين پر، ماڙيءَ ۾ سرڪاري عمارتن جا گنبذ ڪنهن يوناني قبرستان جي ٿنڀن ۽ ستونن وانگر موت جي علامت ٿي پيا. هن جو جسم ڊوڙڻ جي ڪري اڳي ئي ڦڙڪي رهيو هو: موت جو خيال ايندي ئي هن جي رڳُن وڏي ويئي. هن پنهنجي آسپاس ڪنهن زنده وجود جي ڳولا شروع ڪئي پر هن جي اڳيان پوئيان، اتر توڙي ڏکڻ، اولهه توڙي اوڀر رکو وڻ هئا. مٿان


Scanned with CamScanner

نظر آئي ته هليو آيس....“
”چانو جي ڳولا به خطري کان خالي نه آهي سائين!“
”پلا هن وڻ کي هي ٽتل ٽامي جا زنجير ڇو وڌا اٿن؟“
هن ڇڙيءَ پنهنجي پاڻ سان ڳالهائيندي چيو.
پيرسن جواب ڏيڻ بدران، هن جي پرسان ٿڌي ٿڌي چانو ۾ ويهي رهيو. پوءِ پڻ پڻ ڪندي چيائين:”اهو سوال پڇي اوهان چانو لاءِ به خطرو پيدا ڪري وڌو آهي، سائين!“
هن ڇڙيءَ پرئي مڙس جي سرگوشيءَ کان ڊي ٻيو سوال ڪيو: ”چانو لاءِ خطرو؟“
”مون کي هنن وڻن جي پرگهور لهندي ورهيه گذري ويا آهن. جڏهن به ڪو مسافر هت چانو جي ڳولا ۾ آيو آهي، تڏهن ڪنهن نه ڪنهن وڻ جي موت جو ذميدار ثابت ٿيو آهي. مهرباني ڪري اوهين هتان هليا وڃو. مون وٽ باقي هيءُ پاڇولو رهجي ويو آهي، جنهن ۾ اجا ڪجهه چانورو آهي....“
”پر هي هت آيو ڪٿان؟ هن تر جو ته هي وڻ ئي ڪونهي.“
”هي اتان جو وڻ آهي جتي جڏهن آڪ ٽپندا آهن، تڏهن سنڌن ڏيڻ ۾ ڦلڙين سان چانو جا ريشمي پوپٽ اڏامندا آهن....“
”پر ان جي اها سزا ڇو؟“
شڪر پڙيان جو مالهي گهڙي ڪن لاءِ ماٺ ٿي ويو. پوءِ هن برفپوش پهاڙن کي گهوريندي چيو:”سزا لاءِ ضروري

ڏار ڪرندا ويا، جيئن جيئن هن جـون سدا بهار جتائون ٽڙ
ڪان ڏار ٽيندبون وبون، تيئن تيئن اسان جا پاڇولا وڏا ٿيندا
ويا.... وڏا ٿيندا ويا...."

"۽ ڇانو....؟" هن پنهنجو ساهه روڪي سوال ڪيو.

ان سوال پڇڻ شرط هـن پاڻ کي ڊگهن ڊگهن پاڇولن
۾ گهيرجندو ويڙهجندو محسوس ڪيو! پـاڇولا چئني ئـي
طرفن کان هن ڏانهن وڌي رهيا هئا. پاڇولا جن ۾ نٿهن آس
جي آنت هئي.... ۽ پوءِ پاڇولن جي پويان مانهو اکيتي وڌڻ
لڳا، هنن جي ڪلهن تي مسجدون هيون، ۽ هنن جي هٿن
۾ اهڙا هٿيار هئا، جن جي اولڙي هنن جي منهن کـي ٽتل
ٽامي جو رنگ ڏيئي ڇڏيو هو.

جڏهن پهرين گولي هن جي نڙيءَ مان پار لنگهي ويئي،
تڏهن مرندي مرندي هن ڏٺو ته زنجيرون پيل بـڙ جي وڻ
جو پاڇولو به مري ويو.

———٭———

۾ وڏندا، پڙاڏا ڪندا، سور جا متحرڪا بڻجي ويندا ۽ ٻــوءِ
اڪين ڪولڻ جي باوجود هن جي اکين اڳيان ڪارا- اڇا
پٽا بلڪل ايئن محسوس ٿيندا، جيئن جديد قسم جي آفيسن
۾، اس کي روڪڻ وارا ”بلائينڊس“ لڳل هوندا آهن. انهن
پٽن ۾ بجلي هوندي آهي، ۽ ان بجليءَ مان هن کي بلڪل
ايئن ڌڏڪا لڳندا آهن، جيئن بجليءَ جــي ”شاڪ“ لڳڻ
وقت، سموري جسم ۾ جهٽڪا لڳندا آهن. سور جي شدت
کان بچڻ لاءِ هو الائي ڇو ڪارونجهر جا مور ياد ڪندو
آهي، جن جو رنگ سائي بدران نيرو يا ڪارو لڳندو اٿس.
انهن مورن جي چهنڊن ۽ دانهن ۾ هڪ اهڙي لئه، اهڙو تين
تال هوندو آهي جيڪو هن جي سور ۽ پيڙا جي سرتارسان
هم آهنگ هوندو آهــي. جڏهن مورن جــون چهنڊون پنهنجي
آخري حد تــي پهچنديون آهن، تڏهن ڪارونجهر هن جي
دماغ اندر ڦاٽي پوندو آهي، ۽ هــن کي ايئن محسوس ٿيندو
آهي ته هن جو دماغ ذريون ذريون ٿــي، ڇچرجي، هن جي
اکين ذريعي ٻاهر نڪرڻ لڳندو آهي، ۽ هــو نستو، بيحال
ٿي، پنهنجو متو وهاڻي ۾ لڪائي ڇڏيندو آهي!

مون کي هڪدم گوريون کائڻ گهرجن، هن سوچيو.
چتاءُ ملي چڪو آهي. ايئن نه ٿئي جو ويل ٽري وڃــي ۽
ترورا پنيورين ۽ پڙنرن جــو ويس ڪــرڻ لڳن. هــن هيٺ
نئڙي، پنهنجي بئگ کڻي ورتي، ۽ ان مـــان گورين جـــي
شيشي ڪڍي ورتائين. متان ٿــي متان، هن کي اونڌي پهل
ڪتاب منجهان، علي شريعتيءَ جون اکيون، گهوريندڙيون

”جي....!؟“ ايئرهوسٽيس جي پٽرائين مرڪ سواليه نين جي ڪري ٿيڏي ٿيڏي ٿي وئي.

”معاف ڪجو.... منهنجو مطلب آهي، گلاس پاڻيءَ جو!“

ايئرهوسٽيس جي مرڪ وري سڌي ٿي ويئي. پر هن ٿيڏي اک سان علي شريعتيءَ جو ڪتاب ڏسي ورتو هو.

”اوهان کي ٿورو انتظار ڪرڻو پوندو. فلائيٽ ’ٽيڪ آف‘ ڪرڻ واري آهي....“

”پر ٽيسين ته پنوڙ ۾ پيپوريون....“ هن سنڌيءَ ۾ پڻ پڻ ڪئي.

”جي....؟!“ پٽرائين مرڪ هاڻ بلڪل غائب ٿي ويئي.

”مون کي هي گوريون ڪاٺيون آهن.... اڃا ٿي دير ٿي ويئي آهي....“

”چڱو، ڏسان ٿي ته آءٌ ڇا ٿي ڪري سگهان....“ ايئر هوسٽيس جي انگريزيءَ ۾ اهڙي ”ائڪسينٽ“، اهڙو لهجو هو، جو هو سمجهي نه سگهيو ته ڪهڙي پاسي جي آهي.

هو پاڻي اچڻ جي انتظار ۾، جهاز جو جائزو وٺڻ لڳو. هن کي سيٽ اهڙي هنڌ ملي هئي، جيڪا جهاز جي پهرئين اڌ ۾، ارڙهين نمبر قطار ۾، G-18 اي ۽ ايف کان پوءِ واري ٻن سيٽن سان هئي. سندس پاسي H-18 واري سيٽ تي هن جو نئون پاڙيسري مسافر اچي ويٺو هو. هن جي اڳيان وارين ٻن سيٽن تي هڪڙو آمريڪي جوڙو ويٺل هو، جيڪو ٽورسٽ يعني سياحت ڪرڻ جو شوقين ٿي ڏٺو. هو مستقل

جهيڙي سر ۾ شروع ٿي. هن پنهنجين ۽ ٻئي ڄڻن جي پرڻ کان
اڳ، اهي ڏن ڇڄائي ورتي:

پيرين پوندي‌سان، چوندي‌سان،
رهــــي وڃ رات پنهنجي‌ور ۾!

ان ڏن جي ڇڄائڻ سان ئي هن کي زرينه ياد آئي.
زرينه ياد آئي ته پليجو ياد آيو. پليجو ياد آيو ته ”افقا
اونڌا وهچ“ ياد آيو، ۽ اياز ياد آيو. اياز جو ياد اچڻ سان
هن کي ”ٻوڏ پري آڪاس“ ياد آيو، ۽ هن جي پنهنجي
دماغ جي پاتال ۾ ٻوڏون پرڻ لڳيون. پنيوريون پرڻ لڳيون،
پيلا پيلا پوپٽ پرڻ لڳا. ان کان اڳ جو ڪارونجهر جا
مور لهي پون، هن کي وري پترائين موڪ واري ايترهو نئيم
ياد آئي. پاڻي ياد آيو، ۽ پنهنجو پاڙيسري سيٺ وارو نوجوان
ياد آيو، جنهن هن جي پاڻي ۽ جـي پهچڻ کان اڳ واري
زماني ۾ علي شريعتي ۽ جي ڪلاس جو آدمو پيدا ڪيو هو.
”آءُ هي ڪتاب ڏسي سگهان ٿو...“ هن جي پاڙيسري ۽
چيو. هن جي انگريزي لهجي مان هو ترڪ ٿي لڳو، عراقي
ٿي لڳو يا ايراني. هن جي ڏاڙهي ۽ سان ترڪ يا عراقي
هجڻ جي امڪان کي خارج ڪري هن فيصلو ڪيو ته هو
ايراني آهي۽

”ضرور...“

هاڻ هن جي هٿ ۾ فقط ڪورين جي شيشي هئي. هن
ذهن تي زور ڏنو ها، هن کي ڪوڙيون هڪدم ڪاٺي گهرجن.
اکيئي ديرَ ٿي چڪي آهي. ٻوڏ ۽ پنيوريون... سنگيت

جي ڏن جي رڪارڊ جــو آخري حصو شايد ڪئسيٽ ۾ ڦاٿي پيو هو:

رهي وڃ رات پنهور ۾.....!
رهي وڃ رات پنهور ۾.....!
رهي وڃ رات پنهور ۾.....!

هن وري گهنٽيءَ ڏانهن هٿ اُيوڪيو، اڇو بٽڻ ڪارڙهو ٿي ويو، بلڪل اڻڻ، جهڙي طرح هن جي دماغ جي اندر پنهوريون وڏيڪ ڪارڙهيون ٿي رهيون هيون.

ايئرهوسٽس هن وٽ پهتي، پر هن جي مرڪ پتڙائين نه هئي. هن جي چپن تي نيري لپسٽڪ لڳل هئي، بلڪل نيرن پوڻرن جهڙي، جنهن مـان مـرڪ جهاتـي پائي نٿي سگهي. هن جا چپ نيراڻ جي ڪري اصـل ڪان وڏيڪ اونها ٿي نظر آيا پر منجهن ڪابه زندگي نه هئي، نه مرڪ، نه رنجش، نه ڏک، نه بيزاري، رکي مرڪ هئي، مرڪ جو ضد، پتڙائين مرڪ کان وڏيڪ ٿڌي، وڏيڪ اڻ سوچيل.

”جي، اوهان بيل وڄايو....“

”هوءَ پتڙائين مرڪ واري ايئرهوسٽس ڪيڏانهن وئي؛ مون هن کي ڪجهه چيو هو....“ انتظار ڪان پوءِ بيزاري هن جي لهجي مان ٿي ظاهر هئي.

”هوءَ اوهان مان... ڏسو نه اسين به انسان آهيون. اوهان هن سان بٽرفلائز (Butter flies) جي ڳالهه ڪيئن ڪئي....“ نيرا چپ، نيريون ڳالهيون. تڏهون پـر هن پيري سوچيل سمجهيل.

”نہ پوئنر جو ترجمو ’بٽرفلاءِ‘ آھي، نہ پنيوريءَ جو....“
ھن بيزاريءَ تي ھاڻ ھن کي پاڻ بہ حيرت ٿي رھي آھي.
”ھوءَ جتان جي آھي، اتي پنيوريءَ کي ’بٽرفلاءِ‘ جي ترجمي ڪرڻ ني انگريزيءَ ۾ ايمرءِ اي جسي ڏگري ملندي آھي....“ نيرا چپ پنھنجو رنگ بدلائڻ لاءِ آتا ھئا.
”ھوءَ ڪمس چئو تہ چامشوري جي پل ھيٺان، جيڪو گھٽو پاڻي وھي ھليو آھي، ان جـو ٿي ھڪڙو گلاس آڻي ڏيم تہ آءٌ پوئنرن ۽ پنيورين جـو ڪجھہ علاج ڪريان....
ھيءَ شيشي ڏسو، اھا بہ ڪلڻ جي انتظار ۾ آھي...، ۽ ھا، اوھان جي رات پنيور ۾ الڪي پئي آھي، ان کي ڪٽائڻ جو بہ ڪو بندوبست ڪريو....“
ھن ڏٺو تہ نيرن چپن ۾ اُمرڪ مرڪ ۾ تبديل ٿي وئي، ۽ ھوءَ ھلي ويئي.
”اوھان علي شريعتيءَ کي پڙھيو آھي....؟“ ھن جي پاڙيسريءَ ڪتاب واپس ڪندي پڇيو.
”اوھين ايراني آھيو نہ؟“
”اوھان منھنجي سوال جـو جواب نـہ ڏنو....؟!“ ھن پنھنجي ’ھسي کي ھن آ گرين سان مھٽيندي چيو. ھسو ھن جي چپٽيءَ ۾ غائب ٿيو تہ ھن جـي ان عمل سندس عيب کي ڍڪي ڇڏيو. ھن کي ھن جون اکيون مرڪندڙ پاسيون.
”ھا، مون سمورن علي شريعتن کي پڙھيو آھي... اقبال کان امرجليل ڏاتين....“ ھن جي دماغ ۾ اجايل مور سرجي رھيا ھئا.

هن جي پاڙيسريءَ پنهنجي هسي کي مهٽڻ ڇڏي ڏنو.
هن جي منهن ۾ عيب ڪَر ڪلي بيهي رهيو، ۽ ڪي نئي سوال هن جي اکين ۾ لهي آيا.

”اوهان منهنجي سوال جو جواب نه ڏنو؟“ هن پنهنجي پاڙيسريءَ کي چيو، پر هن جي اکين ايئرهوسٽيس کي اينڊو ڏنو، جنهن جي هٿ ۾ پاڻيءَ جو گلاس هو. پري کان پنهي ايئرهوسٽيس ۾ هن کي ڪو فرق نظر نه آيو.

”ها، آءٌ ايراني آهيان.... پر اوهان ڪيئن سڃاتو؟“

”اڄي هان، هي پاڻي....“ پتراڻين مرڪ واري ايئر هوسٽيس هن کي ڪاغذ جو گلاس ڏيندي سنڌيءَ ۾ چيو.

هن شيشي کولي، ٻه گوريون ڳيون، ۽ شڪرگذاريءَ جي نظرن سان ايئرهوسٽيس کي ڏٺو.

”منهنجي زندگي بچائڻ لاءِ مهرباني....!“ هن ايئرهوسٽيس ڏانهن منهن ڪري چيو، جيئن ته هن چيو ڪجهه ٻيو ٿي چاهيو.

”اوهين ڪٿان جا آهيو... ؟“ پتراڻين مرڪ ۾ سنڌيئڙو لهي آيو.

”اسين ماڻهو لاڙ جا، دريا جي پيار جا....“ هن جهونگاريو.

ان مهل مائڪرو فون تي آواز آيو. ”عملي جا ماڻهو، پنهنجي پنهنجي پوزيشن سنڀاليو: اسين اڏامڻ وارا آهيون....!“
ايئرهوسٽيس ٽڪڙي ٽڪڙي موٽي ويئي. وات تي، هلڪو ڪنڌ موڙي، هن کي اڌ نظر سان ڏٺائين، ۽ ڪئبن ۾ هلي وئي.

جهاز جي ڇت ۾ انجڻين جو آواز بلند ٿيڻ لڳو. ان وقت وري مائڪرو فون تي آواز بلند ٿيو، جنهن ۾ ايئر-هوسٽيس مسافرن جي آجيان ڪئي، ڪين تماڪ ڇڪڻ کان منع نامو پڙهي ٻڌايو، ۽ پوءِ ڪين هوائي جهاز ۾ موجود ”آڪسيجن ماسڪ“ بابت هدايتون ڏنيون. ٻنهي ’آئيلن‘ جي مهڙ وٽ ٻه اسٽوئرڊ، آڪسيجن ماسڪ ڪي استعمال ڪرڻ جي ترڪيب سمجهائڻ لاءِ ڪرتب ڏيکاري رهيا هئا.

جهاز ”ٽيڪ آف“ لاءِ رفتار تيز ڪئي ته هن پنهنجي پاڙيسريءَ کي چيو: ”علي شريعتيءَ جي ڪتاب ۾ دلچسپيءَ مان مون سمجهيو ته اوهين ايراني هوندا....“

”علي شريعتيءَ ۾ دلچسپي ته اوهان کي به آهي....“ هن پنهنجو جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو.

هن جي دماغ ۾ پوئرن، پنيورين ۽ پوپٽن جي ويڙهاند شروع ٿي چڪي هئي. سندن ڀون ڀون جي آواز سان جهاز جي انجڻين جو آواز به اچي مليو هو. جيئن جهاز مٿي چڙهندو ويو، اهو جنگ به وڌڻ لڳي.

”اڄ ڪلهه ايران-عراق جنگ جو ڪهڙو حال آهي؟“ هن پنهنجون اکيون بند ڪندي چيو.

”ايران جي تقدير ۾ فتحمندي لکيل آهي.“ هن جي پاڙيسريءَ مختصر جواب ڏنو. اکين بند هجڻ جي باوجود هن محسوس ڪيو ته هن جو پاڙيسري پنهنجي هسي کي مهٽيندو هوندو.

”ڇا اهو امام خميني‌ءَ جو قول آهي؟“ هن جي آواز

”۽ خدا ڪڏهن به اڪرائي وارن جي پاسي تي نه ٿو سگهي....؟!“

”ڏسو، ڏسو! اوهين وري طنز ڪري رهيا آهيو.... بلڪل اهڙي طرح، جهڙيءَ طرح اوهان هن وچاري ايئر-هوسٽيس تي طنز ڪئي هئي!“

”سو ڪيئن؟“

”اهوئي ’بئرفلاء‘ وارو قصو؟“

”اها ڳالهه توهان سمجهين نه سگهندين ڇاڪاڻ ته اسان وٽ زبانن ۽ ڪلچرن جو وڏو رولو آهي، منهنجا دوست!“

”زبانون ۽ ڪلچر انسانن جي تاريخ آهن، ڪين نه؟“

”ته پوءِ عرب ۽ عجم ڪا معني رکن نه گهرجن؟!“

”توهان وري طنز ڪئي آهي.... عراق سان اسان جو ڪو نظرياتي جهيڙو ڪونهي!“

”تڏهن جهيڙو ڇاتي آهي؟“

هن ڏٺو ته هن جي ايراني پاڙيسريءَ پنهنجي هسي ڪي مهٽي ڇڏي ڏنو هو، هن جي اکين ۾ علي شريعتي وسڻ لڳو هو.

”جيڪڏهن سولو ۽ سنئون سڌو جواب ڏيان ته هوند آءٌ اهو چوان ته اسلام ۾ سوشلزم ان حد تائين آهي ته پورهيت انسان جو ملهه سڀ ڪان مٿاهون آهي، هو سڀ ڪجهه پيدا ڪري ٿو، ان ڪري هر چيز جو خالق آهي: زبان جو، ڪلچر جو، انساني رشتن جو، ويندي مذهب جو. سوشلسٽ به چون ٿا ته جڏهن انسان جو پورهيو اقتدار ۾

ايندو، تڏهن طبقا ختم ٿي ويندا، ۽ رياست به ختم ٿي ويندي.
اسلام به اهوئي تو چوي ته اسلام ۾ بين الاقواميت جو پهريو
نالو آهي، جڏهن سمورا ويڇا ختم ٿي ويندا. ظالم نه رهندا؛
مظلومن جو راڄ ٿيندو، تڏهن ڇي ايران، ڇي توران، ڇي
عرب، ڇي عجم — اهي سمورا متراد کوڙيل فرق — ٻين
لفظن ۾ طبقاتي نظام جون پيدا ڪيل سرحدون ختم ٿي
وينديون؛ چين به اسان جو هوندو، عرب به اسان جو هوندو....!"

"تابه ڪاشغر....!" هن جي واتان نڪري ويو.

"مطلب؟"

"مون کي رکو اقبال جو هڪ شعر ياد اچي ويو هو...."
اقبال جو شاهين هن جي دماغ جي سرحدن ۾ پنهنجا پر
پکيڙي چڪو هو.

"اهو غلط آهي ته علي شريعتي، اقبال کان پنهنجو
فڪر اڌارو ورتو آهي...." ايراني، جي اکين ۾ ڦهريون
پهرو هن حسد ڏٺو.

"منهنجو مطلب اهو نه هو...." هن چوڻ ٿي چاهيو ته
اقبال جو ذهني سفر ايئن نه هو، پر هو پنهنجو مطلب ادا
نه ڪري سگهيو.

"اوهان ڇا ڪائيندؤ: پاڪستاني يا ڪانٽيننٽل؟" نيرن
پوزن جي رنگ جي لپسٽڪ واري ايئرهوسٽيس، ٽرالي
هنن جي پرسان آڻيندي پڇيو.

گوشت جي بوء، ٽريل پٽاٽن جي بوء سان گڏجي هن
تي ڪاهي آئي.... ۽ هن جي دل ڪچي ٿيڻ لڳي. هن

جي حامي هئي، پوءِ...."
"۽ اوهين....؟"

هن جي ٻاڙيسريءَ جـي اکين ۾ شڪار ٿيندڙ پکيءَ واري ڪيفيت هئي. اوڏيءَ مهل ايئرهوسٽيس هن لاءِ ڪافي کڻي آئي، ۽ هن جي اڳيان واري ميز سڌي ڪري، ان تي رکيائين، ۽ ڪا گهڙي هن جـي اکين ۾ ڪجهه نهارڻ لڳي. وچڻ لاءِ مڙي، ۽ وري ٻيهي رهي.

"مهرباني...." هن ٿورو دير ـ ان چيو.

"چاجي.... اهو ته اسان جو فرض آهي.... اوهان منهنجي سوال جو جواب نه ڏنو ته ڪٿي جا آهيو؟" هن جي مرڪ هاڻ پٽرائين نه هئي.

"پانهان ٿو ته مون کو جواب ڏنو هو...."

"اهوئي 'اسين ماڻهو لاڙ جا، دريا جـي پچاڙ جـا، وارو؟" هن جي سنڌي لهجي مان هن سمجهيو ته هوسامهون جي آهي. نه چاهيندي به، هو ٿورو اڀو ٿي ويو.

"اوهان جوسنڌي هجڻ جوشڪ مون کي به پيو هو...."

"نڌهن اوهان يؤنرن ۽ يـنيورين جي ڳالهه ـ ڪئي...."

"نه، ان وقت منهنجي دماغ ۾ رکو يؤنرن ۽ يـنيورين جي يون يون ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو!"

"پر اوهان اڇا بـ اهو نـ ٻڌايو تـ اوهان ڪٿان جا آهيو....؟"

"جيڪڏهن اوهين اياز کي سڃاڻو نـ هوند آءٌ چوان، جتي آڪ ٿين، جتي لوهه ٻرن، سو ديس مسافر منهنجوڙي...."


Scanned with CamScanner

”پاڻهان تو نه اوهان کي شعرشاعريءَ سان مڙني وڏيڪ دلچسپي آهي،“ هاڻ هن جي مُرڪ ۾ وري پنهنجائپ لهي آئي هئي. اهي ساڳيا چپ پٽرائين مرڪ ڪيئن ٿي مجائي سگهيا، هن کي اچرج ٿيڻ لڳو.

”اهو ڏوهه پاڻ سيان تو.... ۽ اوهين؟“

”آءٌ.... اسين لاڪاڻ جا آهيون....“ هن جون ا ڪيون روئڻهار ڪيون ٿي ويون، جيتوڻيڪ هن جي جواب ۾ ڪا به وضاحت ڪانه هئي. ۽ هوءَ هلي ويئي. هن جي دماغ ۾ ڪارونجهر جا مور رڙڻ لڳا. شرمساري ڪان هو، ڪنڌ نمائي ڪافيءَ جي پيالي ۾ نهارڻ لڳو. هن کي پاڻ تي ڪاوڙ به اچڻ لڳي ته هن جي ورناءُ هن کي ضرور ڏکويو هوندو.

لاڪاڻ.... هن جي ذهن جي سرحدن ۾ گهڙي آيو. ڪارونجهر ڦاٽي پيو. هن جو دماغ ذريون ذريون ٿي، هوائي جهاز جي ڇت ٿي گوشن ۾ پکڙجي رهيو هو.

هن جي پاڙيسريءَ هن جي ڪلهي تي هٿ رکيو هن آهستي آهستي پنهنجون اکيون کوليون.

”اوهان جي طبيعت ڪجهه وڏيڪ خراب ٿي لڳي....“ هن جي لفظن ۾ همدردي هئي.

”نه، هاڻ آءٌ ٺيڪ آهيان.... مهرباني.“

”اوهان ايئرهوسٽيس سان انگريزي سان ڪـڏ ڪهڙي ٻوليءَ ۾ ٿي ڳالهايو؟“

”سنڌيءَ ۾....“ هن مختصر جواب ڏنو.

ڪري واندي ٿـي هئي. هن جي اکيان پهچي هـن چيو: ”اوهان جي طبيعت هاڻ ڪيئن آهي؟“

هن ايئرهوسٽيس ڪـي پهريون ڀيرو چتائي ڏٺـو. سهڻو سانورو ڪٽڪائون رنگ، ڊگهو سنهو نـڪ، پريـل ڳـل، مشڪندڙ وڏيون اکيون، ڪجهه گولائي تي هئندڙ پيشاني، جنهن جي شروع کان ئي وار ايترا پويان ڇڪيل هئا، جو ننڍي جوڙي ٻانئين پهچندي، سندن ڳهنڊي بـه ڇڪجي سڌي ٿي وئي هئي. ٿلهڙن چپن تي هن لپسٽڪ ايئن هنئي هئي، جو اهي وڌيڪ ڀريل ٿي لڳا. هن جـي پنهنجن چپن تي مرڪ اچي وئي.

”هاڻ ايترو چاڪ آهيان، جـو اوهان کي چتائي ڏسي سگهان ٿو، ۽ پترائين مجسمي بدران اوهان کي انسان سـمجهڻ لڳو آهيان....“

هن هڪ هلڪو، تارن جيان ڪرڪندڙ ٽهڪ ڏنو، ۽ پوءِ هن جي اکين ۾ سنجيدگي اچي وئي، ۽ پڇي ويئي: ”هاڻ حالتون ڪيئن آهن؟“

”لاڪاٽ کان پوءِ حالتون ڪڏهن بہ لاڪاٽ کان اڳ واريون ٿي نٿيون سگهن!“

”پر آخر ڪيستائين....؟“

”ظلم پنهنجي ڪڏ پاڻ کوٽيندو آهي.... ۽ هونئن بہ انسان کي قيمت تہ اداڪرڻي آهي. هي تہ اجا چڱ....چڱ ’اپيٽائيزر‘ آهي....“

هن جي اکين ۾ درد جا پاڇا لهي آيا.

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اسان گهٽ ته نه سٺو آهي....“

”اسان واٽ وڃائي ويٺا هئاسون، هاڻ واٽ لڌي اٿئون ته اڳيان ڏونگر آڏو آهي، سسئيءَ وانگر انهيءَ ڏونگر سان جهيڙڻ، ان سان پنهنجا پير پٿون ڪرڻ ۽ مٿو ڦاڙائڻ کان سواءِ ته ٻيو ڪو چارو ئي ڪونهي....“

”مون کي هاڻ اوٺارا ٿيڻ لڳا آهن....“ ٻپ هـن جي اکين جي ڪندن ۾ لامارا ڏيئي رهيو هو.

”تاريخ اڄا هاڻ اسان کي اوٺارن سان جاڳائڻ لڳي آهي....“هن جي سور جي شدت گهٽجي ويئي هئي، ۽ شايد گورين هاڻ مڪمل اثر ڪيو هو.

”پر.... اهو اوٺارو ڪڏهن ختم ٿيندو....؟“ هن جـي سوال ۾ نااميديءَ جا ڪرڻا هئا.

”هاڻ ته مونکي ميهڻو آهي: اوهان کي لطيف جو هڪڙو بيت ته ٻڌايان:

ڄبل ساري ڄڪ، جو آڏو آريچن ڪـــي
توڻي لڪن لک، سي لنگهنديس سڪ سين!“

هن جي اکين ۾ اميد موٽي آئي. هن جي چپن تي هڪ عجيب غرور واري مرڪ لهي آئي، ۽ ويندي ويندي چيائين:

”الله توهان جي وائي سچي ڪندو!“ هو هلي ويئي. پٺيان ويندي، هن محسوس ڪيو ته هوءَ وڏيڪ قداور ٿي لڳي. هن ڏٺو ته هن جو ياڙيسري ايراني ٻــ هن کي ويندو ڏسي رهيو هو.

”اوهان هن کي ڇا چيو، جـو هـوءَ ايتري خوش ٿــي

زور زور سان تسبيح جا داڻا سورڻ لڳو. هن جي اکيان،
ٽي سيٽون اڳ ۾، هڪڙي ماڻهوءَ هٿ مٿي ڪيو. هن
جو ايراني پاڙيسري هن ڏانئن ڏٺو.

”مون کي ٽائليٽ وڃڻ جي ضرورت آهي....“ هڪ ڏڪندڙ
آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

”مون کي به ٽائليٽ وڃڻو آهي....“ هڪ ٻيو آواز هن
جي پٺيان بلند ٿيو.

”ويهي رهو....!“ هڪ ڪڙڪو ٿيو.

هن ڏٺو، سيٽ جي مٿان ڳاڙها اکر ٻري پيا: ”پنهنجا
حفاظتي پٽا ٻڌي ڇڏيو....“

هن جي اکيان، جنهن ماڻهوءَ ٽائليٽ وڃڻ جي ضرورت
جو اعلان ڪيو هو، سو اٿي بيٺو. هن جي ايراني دوست،
روالور هن جي ڪن تي رکي، آهستي چيو: ”ويهي رهه....!“

”پاڻي....!“ هن جي پٺيان ڪنهن رڙ ڪئي.

”هن کي پاڻي ڏيو.... هن کي دل جو دورو پوڻ وارو
آهي....“

هڪڙي يورپي مائيءَ جو آواز هن پري ڪان ٻڌو: ”او
منهنجا خدا، هي نه مري ويو ته پاڻ جي....“ ۽ هوءَ سڏڪا
ڀري روئڻ لڳي.

”آءٌ ڊاڪٽر آهيان.... جي اجازت هجي ته، هن کي
ڏسي وٺان....“ هڪڙي اڌڙوٽ همراهه هن جي ايراني
پاڙيسريءَ کي مخاطب ٿيندي چيو.

”يلي ڏسينس....“ هن مختصر جواب ڏنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ان مهل جهاز جي مائڪروفون تي آواز آيو: ”اسين بغداد وٽي رهيا آهيون....“ ۽ پوءِ ايئن ڀانيو ڄڻ ڪنهن جي هٿ مان مائڪروفون ڪسي ورتو ويو ۽ هڪڙي ڏکي سيٽيءَ جو آواز سموري جهاز ۾ ٻرڻ لڳو. ”هي اجايو جيئرو آهي.... جيڪڏهن هن کي ترت طبعي امداد نه ملي ته مري ويندو....“ هي اَن ماڻهوءَ جو آواز هو، جنهن ڊاڪٽر هجڻ جو اعلان ڪيو هو.

هن کي ڪنهن به جواب نه ڏنو. يورپي مائي وري را ڙاڙ ڪري روئڻ لڳي. ڪمترا ٻار ۽ زالون گڏجي روئڻ لڳا. ماڻهو هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ لڳا.

”الائجي ڇا ٿيندو....“

”بغداد ڇو ٿا وڃن....؟“

”ايراني ٿا ڏسجن....!“

”مون کي ته فلسطيني ٿا لڳن....“

”نه نه، سڀ سڀئي ايراني آهن.... سندن لهجي مان ٿي ظاهر آهي....“

”پر جهاز ڇو هائيجيڪ ڪيو اٿن....“

”هوندن ڪجهه مطالبا....“

اڌ جملا، سڄا جملا، هيٺا جملا، بيزاريءَ جا جملا هن جي ڪنن تائين اڙين پهچندا رهيا، ڄڻ هوڪو خواب ڏسي رهيو هو. اوچتو هن جي دماغ ۾ بنان ڪنهن ڇتاءَ جي ڳاڙهيون يونيورسٽيون، نعرا پوڙهر ۽ پيلا پوسٽ، لشڪرن جا لشڪر اندر گهڙي آيا. هن پنهنجو ڪنڌ پويان سيٽ تي

ڊاري ڇڏيو.

هن حملي جو ڪو سبب نه نه آهي، هن سوچيو، شايد اجا ڊپ جون سرحدون لپي نه سگهيو آهيان. هن پنهنجي پاڻ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. جهاز ۾ جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي، هي ان جو رد عمل ته، ڪولهي؟ يونيورسٽين، يونين ۽ پوپٽن جي وڌندڙ عروج تي پهچڻ لڳي. سور جي هڪ سٽ هن جي پنهي لوڻن ۾ ڏڪا هڻڻ لڳي. هن اکيون پوريون جي ڪوشش ڪئي، پر هن جا ڇپر بند ٿيڻ لاءِ تيار نه هئا.

هن ڏٺو نه ايئرهوسٽيسون پاڻيءَ جا گلاس ٽري ۾ ڪئي مسافرن کي پياري رهيون هيون، ۽ ڪين آئت به ڏيئي رهيون هيون. مسافرن ۾ چوڪيل اجا ڊرو نه، ٿيو هو، پر گهڻا ٿڪا اهو سوچي ڊرڪي پيا هئا ته جيڪي ٿيڻو هوندو، سو پيو ٿيندو. مائرون ٻارن کي چپ ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هيون.

ڪارونجهر جو خاڪو هن جي ذهن ۾ اسري آيو. گهاٽين مان ڪارا نيرا مور نڪندا آيا.

”اوهين پاڻي پيئندو....؟“ هوءَ هن جي مٿان بيٺي هئي.

هن پاڻيءَ جو گلاس هن کان وٺي چپن سان لڳايو.

”هنن هڪڙي مائهو کي ساري وڌو آهي...“ هن سرهات ڪيو.

”مون کي هنن سان همدردي آهي....“ هن بيزاريءَ مان چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

”اهو ڪمڻ ٿا چئو.... هي نه ’ٽيررسٽ‘ آهن....“

”ويهين صدي انقلابن لاءِ ٽيررزم کي لازمي بڻائي ڇڏيو آهي....“

”پر انساني حياتيون....؟“

”هونئن انساني حياتين ۾ باقي ڇا رهيو آهي.... ڪجهه ڪجهه هنن وٽ ڪو مقصد نه آهي.... هنن جي زندگيءَ ۾ روزڪيترائي لاڪاٽ ورجايا وڃن ٿا.... نتيجو هي آهي....“

ڪارونجهر جا سور رڙڻ لڳا. هن جي سموري جسم ۾ بجليءَ جا جهٽڪا اچڻ لڳا. سور هن جي اکين ۾ دڙهيا هڻڻ لڳو. پوءِ هن ڏٺو: هڪڙو هائيجيڪر، ڪرين وٽان تڪڙو هنن ڏانهن آيو. آئيل ۾ هن جي ايراني پاڙيسري تائين پهتو، ۽ سرگوشيءَ ۾ هن کي ڪجهه چيائين. هن جو پاڙيسري فرسٽ ڪلاس ڏانهن هليو ويو، ۽ هو پاڻ ايئر-هوسٽيس جي پر ۾ ويهي رهيو.

”ڪهڙي سس پس پيا ڪريو؟“ هائيجيڪر جي آواز ۾ رکو نفرت هئي.

”ڪجهه به نه.... هن کي پاڻ ٿي ڏنم: هي بيمار آهي....“

”بيمار آهي يا توسان ’فلرٽ‘ پيو ڪري....“

هائيجيڪر مرڪيو. هن جي مرڪ ۾ به نفرت جو زهر هو. هن کي ان نفرت کان بچڻ اچڻ لڳي.

هو ڪهڙيءَ لاءِ هن جي منهن ۾ نهاري، ڪلاس ڪئن لاءِ جهڪي ته، هائيجيڪر هن جي چمڪ، ۾ هٿ وجهي ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪيو.

سور جي هڪ سٽ هن جي اکين ۾ ڪهڙي لاءِ ڇمڪي ويئي. هن هڪڙي سٽ سان حفاظتي پٽو کولي ڇڏيو، ۽ پوءِ اماڪ هائيجيڪر تي ڪاهي آيو. هائيجيڪر هن اوچتي حملي ۾ پاڻ سنڀالي نه سگهيو، ۽ آتڙجي پر واري سيٽ ۾ تسبيح واري مسافر جي مٿان وڃي ڪريو. روالور هن جي هٿ مان ڇڏائجي ويو. هن جهڪي روالور کڻي ورتو. هن ڪهڙيءَ لاءِ پهنجي هٿ ۾ روالور کي حيرت مان ڏٺو. پوءِ هائيجيڪر کي ڪڇيءَ کان جهلي، آنارهندي، روالور سندس ڪن تي رکي ڇڏيائين.

”تون انقلابن جا دوست نه، پر دشمن آهيو!“ ايئن چئي هن روالور جو ڪهوڙو دٻائي ڇڏيو.

هن کي اها خبر نه پئي ته پڙاڏو ڇاجو هو. روالور جو يا هن جي دماغ اندر ڦاٽندڙ ڪاروانجهر جو. هن ايئرهوسٽيس جي ٻنل دهشت زده اکين ۾ جهاتي پائي ڏٺي، ۽ روالور سندس هٿ ۾ ڏنائين. پاڻ وري سيٽ تي ويهي رهيو. هن جون اکيون کليل هيون، پر هن جو جسم هڪ پاسي لڙڪي پيو.

ايئرهوسٽيس هڪ وڏي اوچنگار ڏني، ۽ هٿ وڌائي سندس اکيون بند ڪري ڇڏيون.

---


Scanned with CamScanner

# ماءُ جوئي آهيان، سوئي آهيان....!

آسمان ۾ تارنجوسمنڊ اڇا جيئرو هو. چنڊ ڪڏهوڪو ڪنهن اڃاتي منزل ڏانهن لڙي چڪو هو. ان ڪري نت نوان تارا نمودار ٿيندا ٿي ويا. ڪو ڪو تارو پنهنجي ڏيي روشنيءَ ڪان مات ڪاٺي، ٽمڪندي ٽمڪندي اوجهل ٿي ٿي ويو. هن ڪان جڏهن صبر نه ٿيو ته هن تارا ڳڻڻ شروع ڪري ڏنا: هڪ، ٻه، ٽي.... هڪ، ٻه، ٽي....

”اماں، مون کي ننڊ ٿو ٿئي....“ ننڍڙيءَ هن جي ڪڇ ۾ منهن لڪائيندي چيو.

هن ڀانيو. هن جي دل، ڪنهن تاري وانگر، گهڙيءَ لاءِ اوجهل ٿي وئي، ۽ هن جي نڪ ۽ چپن ۾ سيانڊڙو پيجي ويو. سندس ٻانهن ۽ ٽنگن ۾ هلڪي رڦڻي شروع ٿيڻ لڳي. هن ڏڪندڙ هٿ سان پنهنجي نڪ ۽ چپن کي مهٽڻ شروع ڪيو، پر اهي وڌيڪ سُن ٿي ويا.

”اماں، تون ڏڪين ڇو پئي؟....“ ننڍڙيءَ اڃا وڌيڪ هن جي ڪڇ ۾ گهڙندي چيو.

”نه نه.... آءٌ ڪانه ٿي ڏڪان....: تون ڇپڙي ڪري سمهي رهه.... شاباس.... ڏاهي ڌيءَ آهين نه، شاباس....“

هن ننڍڙيءَ کي اڃا ڏي وڌيڪ ڇڪي، ڇاتيءَ سان لاتو، ۽ ٻلي هٿ سان هن جي پٺن تي آروس ڪرڻ لڳي. هن کي اهو خيال ڪاٺڻ لڳو ته ننڍڙي سندس دل جي دڪ

دک جي رفتار محسوس ڪري، وري نه ڪو سوال ڪري.

هن جي سوچ کان اڳ، ننڍڙي سوال ڪري ويٺي:

”امان، تنهنجي هنئين ۾ ايڏي دک ڇو آهي....؟“

هن ڪو به جواب ڪونه ڏنو. ايئن ڏڪندڙ هٿ سان ننڍڙيءَ جي پٺيءَ تي آروس ڪندي رهي. اوچتو هن جي نظر وري آسمان ڏانهن کڄي ويئي: آسمان جي هڪڙي ڪنڊ مان هڪ روشن تارو ڪڙيو، ۽ ٽانڊائي جي چڻنگن جيان، ذريون ذريون ٿي آسمان جي هيٺان پولار ۾ گم ٿي ويو.

”يا الاهي خير ...“ هن جي چپن پڻ پڻ ڪئي.

”امان، ڇا چيئه....؟“ ننڍڙيءَ ننڊ ا کڙي آواز ۾ پڇيو.

”ڪجهه نه.... ڪجهه به نه! تون سمهي رهه، مٺي امان ڪريانس....!“

ننڍڙي وري ڪروٽ ڦيري، هن جي ڇاتيءَ سان وڌيڪ ويجهي ٿي ويئي. هن وڌيڪ تيزيءَ سان ننڍڙي جي پٺن تي آروس ڪرڻ شروع ڪئي، ۽ هري هري ٿي، ننڍڙيءَ جو جسم، ننڊائتو ٿي، هن جي جسم کان ٿورو الڳ ٿيندو ويو. هن آهستي آهستي پنهنجي ڪاٻي ٻانهن ننڍڙيءَ جي ڪنڌ هيٺان ڪڍي ورتي، ۽ سندس ڇاتيءَ تي هٿ ڪيون ٿڦڪيون هڻندي رهي.

”امان، بابا ڪيڏي مهل ايندو...؟“

هن سمجهيو هو ته ننڍڙيءَ کي ننڊ اچي ويئي هئي. ان اوچتي سوال تي هن کان وري ڇرڪ نڪري ويو. ننڍڙيءَ جي پٺيءَ تي هلندڙ سندس هٿ بيهي رهيو. هن جي جسم

ڪري پئي وهيا! هن جا چپ پئي ڦڙڪيا. هن هڪڙي هٿ سان ڪٽ جي چاڊٺ کي اهڙو تہ زور سان پڪڙيو هو، جو نيريون نيريون نسون چڻ آيامي پيون هيون.

”ماما.... خير تہ آهي؟“ شاڻيءَ رکو ايترو ئي چئي سگهي.

”اڙي امڙ.... خير وري ڪهڙو.... ظالمن ڳوٺ سان اهڙي ڪار ڪئي جو اصل ڪاري قيامت هئي: رکو باهہ جا گولا هئا، باهہ جا آڙاهہ هئا جيڪي هيڏان مٿان ايئن پئي وسيا چڻ تہ.... چڻ تہ....“

ان وقت شاڻيءَ کي فقط هڪڙي ڳالهہ ئي سمجهہ ۾ آئي هئي تہ پنهل کنهن سان ٿي وڙهيو. ماس جيڪي ڳالهيون ڪيون، سي هن جي سمجهہ کان ٻاهر هيون، پر هن کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي تہ هنن سان بہ اهو سڀ ڪجهہ ٿي ٿي سگهيو، جيڪي ان ڳوٺ وارن سان ٿيو هو. هن پنهل سان ڳالهہ چوري تہ پنهل ماٺ ٿي ويو.

”پنهل،....“

”هون....“

”تون نہ ويندو ڪر انهن ميڙن ۾....“

پنهل ماٺ سندس منهن ۾ اٿندڙ ڪاوڙ جو ڌونهون هن پنهنجي اندرمحسوس ڪيو تہ هن کان چپ نہ رهيونئو.

”جي جهلجي پئين تہ پوءِ....“

پنهل پوءِ بہ ڪو جواب ڪونہ ڏنو.

”پنهل، رب جو واسطو اٿئي، منهنجو واسطو اٿئي،

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اڏون ماڙهو

تنهن رات هن کي آبتو ننڊ نه آئي ۽ ننگيو هئاڏون … تنهن رات آسمان تي ٿوهر ڄمي پيا هئا!

ڇت مان ائين لڙڪندي، لوهي سيخن جي ٻار، ورانڊي جي ڏيڍي ڇت جي ٻنهي وٽ، هن جي رنايل نگاهن ۾، آسمان جو فقط هڪ ٽڪنڊو ٽڪر سمائجي سگهيو. آسمان جيڪو آزاد هو، پر رتوڇاڻ ٿي پيو. رت هنجي ماڻڪين ۾ ڇلڪڻ لڳو. هن جون اکيون، رت جي بار کان ڇنجهيون ٿيڻ لڳيون. هن ڏٺو، آسمان تي ٿوهر ڄمي پيا هئا، جيڪي هنجي اکين کي، هنجي نگاهن کي پوڙائڻ لڳا هئا. آسمان جو اهو ٽڪنڊو ٽڪر، هنجي اکين ۾ اٽڪي پيو هو، جنهن جون ڪنڊون واري سان ڇڪجي تي آيون، وري پنهنجي جاءِ تي موٽي ٿي ويون. ان ٽڪنڊي ۾ گهڻا تارا هوندا؟ — هن سوچڻ گهريو. پر ان سوچ کي ايندي ورهيه گذري ويا. آسمان جو ٽڪنڊو پوڻتي موٽي ويو ۽ ٽيڏن ڪرڻ جو ٿوهر هنجي اکين جي ماڻڪين ۾ ٽنبجڻ لڳو. هنجي دل چاهيو ته هٿ وڌائي، ان ٿوهر کي ٻهاري ڇڏي. هنجي اکين جا ڇپر، ان ٿوهر جو بار کڻڻ کان بنهه عاجز ٿي چڪا هئا. هن ڪوشش ڪئي ته ڇپرن کي ڏاري ڇڏي، بند ڪري ڇڏي ته جيئن ان ٿوهر جا ڪرڙا هنجي ماڻڪين ۾ ٽنبجي نه

”مون کي ڪا خبر ڪانهي....“ هن ڄڻ پنهنجي پاڻ کي ٻڌايو.

”جيئن ته هٿيار جيب ۾ آيا هئا، پر تو کي خبر ڪانهي ته جيب ڪنهنجي هئي؟“

مونجهارن جو دونهون هنجي چوڌاري ڦهلجڻ لڳو.

”هٿيار.... جيب.... خبر، مون کي ڪا خبر ڪانهي....“

مونجهارن بيوسيءَ ۾ پناهه ورتي.

”تون شرافت مان ڪونه سمجهندين....“

ان دڙڪي کي ڪو جسم نه هو، ۽ ڪنهن خيالي ڦوڪڻي وانگر هنجي مٿان ڦرڻ لڳو. هن ان ڦوڪڻي کي ڪو جسم ڏيڻ گهريو: مُڪن، ٺڪڙن، ٺڏن، لتن ۽ آخرڪار نيٺ جي لڪڻ جو جسم. في‌الحال هنجي جان ۽ احساس ۾ ان ڦوڪڻي جو اهوئي جسم مڪن تي سگهيو. هن ٻنان نهارڻ جي، ڪاٺ جي ماڻهوءَ ڏانهن اکيون ڦرڙايون: نه ڏسڻ جي باوجود، ڪاٺ جي ماڻهوءَ جي چپن ۾ دکيل سگريٽ جو شعلو هنجي اکين ۾ پيهي آيو. هن پنهنجون اکيون بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي: اڃا پنبڻ اکين تي ڍريا ڏي مس هئا ته آسالڪ وري زوريءَ پاڻ‌هرتو پٽجي ويا. ان سان گڏ هنجي بدن ۾ هڪ زلزلو آيو ۽ سمورا ٻڇاءَ بند ٽوڙي ويو. هنجي ڇاتيءَ جا وار، سگريٽ جي شعلي جي آسپاس، گهنڊيون گهنڊيون ٿيا، سڙندڙ پڃرندڙ ڪنل جي دونهين ۾، ٻاڦ ٻلجي ويا. پنهنجي‌ئي چمڙي جي سڙڻ جي بوءِ کي هو سچالي نه سگهيو. البت وارن منجهان، سڙندڙ

نه ماراءِ....“

اهي ”بيا“ ڪير هئا، هن سوچيو. پر اها سوچ اهڙي ئي، هن جي اکين جا پٽ وري بند ٿي ويا، ۽ هو پڇڪيو:
”بيا؟!....“

”ها ها، بيا.... جيڪي توسان گڏ هئا؟“

”مون سان.... بيا به گڏ هئا؟ ڪير هئا آهي....؟“ هن جي بند اکين جي پنجرن ۾ پاڇولا لرزڻ لڳا.

”ڙي .... جا اولاد، اهوئي ته توکان پڇون ٿا!“ ڪانٽ جي ماڻهوءَ هن جي اوگهڙ ڪي نيٽ جي لڪڻ جو احساس ڏياريو. هن جــا پنجر ڦڙڪيا، ۽ زور سان پڇي ويا. ساهه هنجي لڪيءَ ۾ توريءَ دير لاءِ اٽڪي پيو، ۽ نيٽ جي لڪڻ جي مٿي ڪجهه سان هـن جي ناسن مان ڦونڪاڙجي ٻاهر نڪتو.

”هي ائين ڪين مڃيندو.... مون کي ڏيو اهو پلاس.... نه نه، اهو نه.... هوءَ وڏي انبوري....“

اهي لفظ هنجي ڪنن توڙي اکين ڪونه سمجهيا. هن کي الائي ڇو وري پنهنجي اوگهڙ ياد اچــي ويئي ۽ ڪو آڏڪو ڳنڍ ٻڌجي هـن جــي لڪيءَ ۾ اٽڪي پيو. هنجي ٻبين، ٻغلن ۽ چڏن ۾ ڏپ جا ڦوڦيندا نئين سر ڏنئون ڏنئون ڪرڻ لڳا.

جڏهن هنجي ٻهرئين آڱوٺي جو ننهن پنهنجو ماس ڇڏي، انبوريءَ جي لوهه جــو رنگ اختيار ڪرڻ لڳو، تڏهن هنجي لوڻن، ڪنن ۽ اکين جي ماڻڪن ۾ ٻهريون

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڏي سنواڻي ڪل، جنهنجو ڪو منڍ نه هوندو آهي، جنهن جي ڪا پڇاڙي نه هوندي آهي. بي مقصد، بي اطمينان ڪل.

”هاڻ ڪٿي آهن....؟“ نئين آواز ۾ سختي اچي ويئي. ڪاٺ پيدا ٿي پئي.

”ڇڏي ڏنو سون.... صبح ٿيڻ کان اڳ، متان....“

”ڪجهه، ڪيئن....؟“ سوال ۾ هڪ ڪان وڌيڪ معنائون هيون، يا هڪ ئي معنيٰ جا ٻه سوال هئا.

”ها.... نه،“ ڪاٺ جي ماڻهوءَ مختصر جواب ڏنو. ان ۾ سڀ معنائون گڏيل هيون.

”ڇو هي....؟“ هي سوال ايترو مختصر نه هو.

”هي.... ها، ذري گهٽ ڇتو ٿي پيو هو.... پوءِ واسطا وڌائين.... ليلڙائيون ڪيائين.... پوءِ اوڇنگارون ڏيئي رنو، منهن گوڏن ۾ پيڪوڙي، ڪجهه وقت سڏڪندو رهيو، ٻڙڪندو هيو.“ ڪاٺ جو ماڻهو، ڪوشش جي باوجود، مختصر جواب ڏيڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيو.

”پوءِ به سچي ڪرڻ جي نه ڪيائين؟“ اهو سوال هجڻ جي باوجود ڇڻ ته ڪاٺ جي ماڻهوءَ جي جملي جو باقي حصو هو، جنهن ڪانسواءِ ڳالهه اڻپوري هئي.

”ها.... نه،“ ڪاٺ جو ماڻهو وري منجهي پيو.

”ڇو هن جا همراه....؟“ آواز جي سختيءَ ۾ ڪجهه قدر مائٽي اچي ويئي.

”ٻي ڄڻا دوبدو فائرنگ ۾ مارجي ويا.... باقي هڪڙو جو ڪو ڏڪجي پيو هو، سو به اسپتال ۾ مري ويو....“

ڪاٺ جي ماڻهوءَ نيٽ جو لڪڻ ميز تي اڇلي رکيو جنهن ۾ نيٽ جو لڪڻ ٻـه مري ويو هجي، جنهن سان هاڻ هن جو ڪو واسطو ڪونه هو.

”۽ آسانجا ماڻهو....؟“ هي سوال ايترو جهيڻو هو جو ڪاٺ جي ماڻهوءَ ان جي پـڪ ڪرڻ لاءِ، مٿل نيٽ جو لڪڻ وري هٿ ۾ کڻي ورتو. ٻئي هٿ تي لڪڻ هڻندي هن چيو:

”اڳين رپورٽ مطابق سـت.... تازي رپورٽ مطابق آٺ!“

”سو ڪيئن؟“

”اڻون ماڻهوهنن مان هو....هن پنهنجي رائيفل پنهنجي ڪاڏيءَ هيٺ رکي، گهوڙو ڊهائي ڇڏيو.... ڪن جو چوڻ آهي تہ جڏهن ڪوٽ تي چڙهائي ٿي، تڏهن هن فائر ڪولڻ کان انڪار ڪيو.... ۽ لاچار هن کي شوٽ ڪرڻو پيو.... هن جو لاش آن جي ڪنڌي جي پوئيان مليو....“

ان مهل هـن کي هڪ ئي وقـت ڪي ئي خيال آيـا:
ڪاٺ جو ماڻهو، خاڪي ٻرپس جـو مستطيل ٻڻجي ويو، آسمان جي ڪنڌي ۾ بي انداز تارا جهرمرڪرڻ لڳا، روشني جي ٽوهر ۾ انڊلٺ جا رنگ پرجڻ لڳا، ۽ انهيءَ سـت رنگي نور ۾ هن کي ”اڻون ماڻهو“ نظر آيو، جنهن جـي هٿ ۾ رائيفل هئي. ڪا آس مُرڪ ٻڻجي، هن جي چهريل چهريل چپن جـي ڦوهڻدن ۾ ڦهلجي ويئي، ۽ هـن پنهنجو سمورو سـت آخري پساهن ۾ ڪڏ ڪندي چيو:

”مان اوهان کي ڪجهہ نہ ٻڌائيندس!“ ■

## نيو فيلڊس جا تازا شايع ٿيل ڪتاب

### ٽڪرا ٽٽل صليب جا ۽ واٽون ڦلن ڇا

مصنف: شيخ اياز

### ڪربلا

ليکڪا: نورالهديٰ شاه

### ڪوٽ لکپت جو قيدي

مصنف: رسول بخش پليجو

### خط، انٽرويو، تقريرون (ٻيا ڳوڙها هيون)

مصنف: شيخ اياز

### تاريخ جو ڪفن

مصنف: امر جليل

### جلا وطن

ليکڪا: نورالهديٰ شاه

### هم وست

مصنف: آغا سليم

### سڌارٿ

مصنف: هرمن هيس

### آزادي خاطر

مرتب: فيروز احمد

### سانباهو سمونڊ جو

مصنف: الطاف شيخ

### هينئڙو ڏاڙهون گل جئن

مصنف: شيخ اياز

soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book